SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIX مجريه 2002

# SINDH ORDINANCE NO.XLIX OF 2002

# سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڙڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ جو) آرڊيننس، 2002

# THE SINDH (ERADICATION AND CURBING MENACE OF INVOLUNTARY DONATION OF FORCED CHANDA) ORDINANCE, 2002

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڏنڊ
Penalty

4. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIX مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLIX OF 2002

## سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڙڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ جو) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH (ERADICATION AND CURBING MENACE OF INVOLUNTARY DONATION OF FORCED CHANDA) ORDINANCE, 2002

[28 ڊسمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ غير رضاڪاراڻي طور تي زبردستي "چندي" اوڳاڙڻ کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ غير رضاڪاراڻي طور تي زبردستي "چندي" اوڳاڙڻ کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڙڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽

| | |
|---|---|
| روڪڻ جو) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو. | Short title and commencement |
| (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | |
| 2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين: | وصفون Definitions |
| (a) "عطيو ڏيندڙ" مطلب هڪ فرد، فردن جو گروهه، ادارو يا هڪ باڊي ڪارپوريشن؛ | |
| (b) "دروازي تي" جنهن ۾ شامل آهي رهائشي يا صنعتي احاطو، ڪاروباري دفتر، فيڪٽري، دڪان بشمول بازاري احاطن ۽ هٽ وارن گاڏن جي؛ | |
| (c) "فنڊ" جنهن ۾ شامل آهي عطيو يا حصو پوءِ اهو رقم هجي يا ڪنهن به قسم جو؛ | |
| (d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ | |
| (e) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل. | |
| 3. ڪو به غير رضاڪاراڻو فنڊ يا چندو عطيو ڏيندڙ کان نه اوڳاڙيو ويندو. | |
| 4. ڪنهن به شخص طرفان عطيو ڏيندڙ جي دروازي تان فنڊ جي اوڳاڙي منع ٿيل آهي. | |
| 5. هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ٽڪراءَ ۾ اوڳاڙيل ڪو فنڊ يا زبردستي چندو حڪومت طرفان ضبط ڪيو ويندو. | |
| 6. هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ڪنهن به شخص کي سادي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو. | ڏنڊ Penalty |
| 7. سواءِ عطيو ڏيندڙ طرفان لکت ۾ شڪايت جي ڪنهن به عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪنهن ڏوهه تي ضابط | |

| | |
|---|---|
| اختيار حاصل نہ هوندو. | |
| 8. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |